# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 1979
# SINDH ACT NO.XVIII OF 1979
# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٽين ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and Commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 14 جي تبديلي

Substitution of section 14 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 45 جي ترميم

Amendment of section 45 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 51 جي ترميم

Amendment of section 51 of Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 1979
# SINDH ACT NO. XVIII OF 1979
# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٽين ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[9 ڊسمبر 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٽين ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 14 جي تبديلي

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 14 لاءِ هيٺيون متبادل بڻايو ويندو:

(ڪائونسلز جي جوڙجڪ)

"14.(1) تعلقي ڪائونسل ڪانسواءِ هڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(a) ميمبرن جو اهڙو انگ، جنهن ۾ شامل آهن اقليتي برادري جا ميمبر جيئن حڪومت شيڊول I ۾ ڄاڻايل طريقي موجب طئي ڪيو هجي:

(b) ميمبرن جو اهڙو انگ مقامي علائقي مان جيڪو هارين، نارين، پورهيتن ۽ عورتن جي نمائندگي ڪندو هجي، جيئن حڪومت ڄاڻائي.

(2) حڪومت ڪائونسل تي سرڪاري ميمبرن جو ايترو انگ نامزد ڪري سگهي ٿي جيئن مناسب هجي، پر اهڙي ڪنهن به ميمبر کي اهو حق نه هوندو ته اهو ڪائونسل يا ان جي ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي جي ڪنهن ڪارروائي ۾ ووٽ وجهي.".

Substitution of section 14 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 45 جي ذيلي دفعہ (3) جي پهرين شرطيہ بيان ۾، لفظن "پنج هزار رپيا" کي لفظن "اهڙو ملهہ جيڪو ڄاڻايو ويو هجي" سان متبادل بڻايو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 45 جي ترميم

Amendment of section 45 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 51 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ هيٺين ذيلي دفعہ کي متبادل بڻايو ويندو:

"(10) ڪنهن به ميمبر خلاف ان سلسلي ۾ ڪا عدالتي ڪارروائي نہ ٿيندي جيڪڏهن هن ڪائونسل يا ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ ڪجهہ ڳالهايو هجي يا ڪو ووٽ ڏنو هجي،

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 51 جي ترميم

Amendment of

section 51 of Sindh Ordinance XII of 1979

تيستائين جيستائين اهڙو قدم نہ کنيو وڃي جيڪو:

(a) پاڪستان جي نظريي، تحفظ، احترام يا استحڪام کي گهٽ ڪري.

(b) دشمني جو احساس پيدا ڪري يا ان کي وڌائي، غلط سوچ رکي، يا شهرين جي مختلف برادرين، قومن، درجن ۾ ڏڦڙن وچ ۾ نفرت پيدا ڪري؛ ۽

(c) ڪو نامناسب، فحش، توهين آميز يا طنز آميز اظهار ڪري ٿو يا ڪنهن شخص کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو؛ ۽

(d) بنيادي طور ڪنهن اڻ لاڳاپيل معاملي سان واسطو رکي يا هن آرڊيننس جي اهميت کان مٿانهون ٿي ڪجهہ ڪري.

(11) ميمبر جيڪو ذيلي دفعہ (1) جي گنجائش سان ٽڪراءَ ۾ قدم کڻي ٿو بنا تعصب جي ان خلاف قدم کڻڻ جي، سندس اڳتي لاءِ ميمبر شپ ختم ڪئي ويندي ۽ کيس نااهل قرار ڏنو ويندو.

(12) ڪائونسل جيڪا ذيلي دفعہ (1) سان ٽڪراءَ ۾ ڪو ٺهراءُ يا ايڪٽ منظور ڪري ٿي يا ڪنهن سياسي راءِ جي حمايت ڪري ٿي يا ڪنهن بہ سياسي تحريڪ ۾ حصو وٺي ٿي، ان کي ختم ڪيو ويندو جيڪو عرصو 6 مهينن کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي ۽ اها دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (3) تحت ٻيهر جوڙي ويندي.”

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**